SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريه 1980

SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1980

سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) آرڊيننس، 1980

THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 1980

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 10 جي ترميم
Amendment of Section 10 of Sindh Ordinance XII of 1979

3. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 21 جي ترميم

Amendment of Section 21 of Sindh Ordinance XII of 1979

4. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 30 جي ترميم

Amendment of Section 30 of Sindh Ordinance XII of 1979

5. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 37 جي ترميم

Amendment of Section 37 of Sindh Ordinance XII of 1979

6. 1979 جي سنڌ آردِيننس XII جي دفعہ 51 جي ترميم

Amendment of Section 51 of Sindh Ordinance XII of 1979

7. 1979 جي سنڌ آردِيننس XII جي دفعہ 75 جي ترميم

Amendment of Section 75 of Sindh Ordinance XII of 1979

8. 1979 جي سنڌ آردِيننس XII جي دفعہ 78 جي ترميم

Amendment of Section 78 of Sindh Ordinance XII of 1979

9. 1979 جي سنڌ آردِيننس XII جي دفعہ 89 جي ترميم

Amendment of Section 89 of Sindh Ordinance XII of 1979

10. 1979 جي سنڌ آردِيننس XII جي دفعہ 102 جي ترميم

Amendment of Section 102 of Sindh Ordinance XII of 1979

11. 1979 جي سنڌ آردِيننس XII ۾ دفعات 102_A کان 102_W تائين شموليت
Insertion of Sections 102_A to 102_W in Sindh Ordinance XII of 1979

12. 1979 جي سنڌ آردِيننس XII جي دفعہ 106 جي ترميم

Amendment of Section 106 of Sindh Ordinance XII of 1979

13. 1979 جي سنڌ آردِيننس XII جي دفعہ 37 جي ترميم

Amendment of Section 37 of Sindh Ordinance XII of 1979

سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريہ 1980

SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1980

سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) آرڊيننس، 1980

THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 1980

[4 فيبروري 1980]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي:

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 واري اعلان ۽ 1977 واري قانونن (نافذ هئڻ وارو تسلسل) واري حڪم، 1977 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس، جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) آرڊيننس، 1980 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعه 10 ۾، ذيلي دفعه (2) لاءِ، هيٺين ريت متبادل هوندو:

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 10 جي ترميم

Amendment of Section 10 of Sindh Ordinance XII of 1979

"(2) جيترو جلدي ممڪن ٿي سگهي هر اليڪٽورل يونٽ لاءِ هڪ پئنچائت جوڙي ويندي سواءِ ضلعي ڪائونسل يا تعلقي ڪائونسل جي، جيڪا ان اليڪٽورل يونٽ مان چونڊيل ڪائونسل جي ميمبر تي مشتمل هوندي، جيڪو چيئرمين هوندو ۽ ٻه ٻيا ميمبر يونٽ جي رهواسين منجهان ڪائونسل طرفان نامزد ڪيا ويندا.

3. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعه 21 جي ذيلي دفعه (2) ۾ لفظ ۽ ڪاما "باءِ لاز" ۽ لفظ "هي" وچ ۾ لفظ ۽ ڪاما "يا ڪائونسل جي ٽن لڳاتار عام گڏجاڻين ۾ بنا جوڳي سبب جي غير حاضر رهيو آهي يا عهدي جو حلف کڻڻ کان انڪار ڪري ٿو،" شامل ڪيا ويندا.

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 21 جي ترميم

Amendment of Section 21 of Sindh Ordinance XII of 1979

4. ڇاڻايل آردِيننس جي دفعہ 30 ۾، لفظن، ڏنگي ۽ انگن "دفعہ 21 جي ذيلي دفعہ (2) تحت" لاءِ لفظ "هن آردِيننس جي ڪنهن گنجائش تحت ميمربشپ کان" متبادل بڻايا ويندا.

1979 جي سنڌ آردِيننس XII جي دفعہ 30 جي ترميم

Amendment of Section 30 of Sindh Ordinance XII of 1979

5. ڇاڻايل آردِيننس جي دفعہ 37 جي ذيلي دفعہ (2)جي شق (c) ۾، لفظن "ڪنهن ڏوهہ لاءِ جنهن جي قيد جي سزا ٻن سالن کان گهٽ نہ هجي" لاءِ لفظ "پاڪستان پينل ڪوڊ تحت قيد جي سزا ٻڌايل ڪنهن ڏوهہ لاءِ" متبادل بڻايا ويندا.

1979 جي سنڌ آردِيننس XII جي دفعہ 37 جي ترميم

Amendment of Section 37 of Sindh Ordinance XII of 1979

1979 جي سنڌ آردينس XII جي دفعہ 51 جي ترميم

Amendment of Section 51 of Sindh Ordinance XII of 1979

6. جاٹايل آردينس جي دفعہ 51 ۾:

(i) ذيلي دفعہ (10) ۾:

(a) شق (c) ۾ لفظ "۽" کي ختم ڪيو ويندو؛

(b) شق (d)جي آخر ۾ فل استاپ کي سيمي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو؛

(c) شق (d) کانپوءِ، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

"(e) سڏيءَ ريت يا اڻ سڏيءَ ريت نفرت پيدا ڪرڻ يا قانون تحت قائم ڪيل حڪومت جي توهين ڪرڻ؛ ۽

(f) ڪنهن سياسي راءِ خلاف سازش ڪرڻ يا ڪنهن ٻي سياسي سرگرمي ۾ ملوث هجڻ."؛

(ii) ذيلي دفعہ (12) لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:

"(12) ڪائونسل جيڪا ٺهراءُ منظور ڪري ٿي يا ذيلي دفعہ (10) جي گنجائشن جي پيڪڙي ۾ قدم کٹي ٿي، اها برطرف ڪئي ويندي جيڪا مدت ڇهہ مهينن کان وڌيڪ نہ هوندي ۽ اهڙي برطرفي تي دفعہ 58 جي ذيلي دفعہ (2) ۽ ذيلي دفعہ (3) جون گنجائشون لاڳو ٿيندیون."

1979 جي سنڌ

7. جاٹايل آردينس جي دفعہ 75 جي ذيلي دفعہ (1) لاءِ هيٺين ريت

متبادل هوندو:

"(1)هڪ اڪائونٽس ڪميٽي جوڙي ويندي جيڪا چيئرمين ۽ اهڙن آفيشل ۽ نان آفيشل ميمبرن تي مشتمل هوندي جيئن حڪومت مقرر ڪري."

آرڊيننس XII جي دفعہ 75 جي ترميم

Amendment of Section 75 of Sindh Ordinance XII of 1979

8. ڇاڪاڻ آرڊيننس جي دفعہ 78 جي ذيلي دفعہ (3) لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:

"(3)منسوخ ڪيل قانون تحت جوڙيل سنڌ لوڪل ڪائونسل سروس جا ميمبر هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ جي شروعات کان سنڌ ڪائونسلز يونيفائيڊ گريڊ جا ميمبرز سمجهيا ويندا."

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 78 جي ترميم

Amendment of Section 78 of Sindh Ordinance XII of 1979

9. ڇاڪاڻ آرڊيننس جي دفعہ 89 جي ذيلي دفعہ (2) ۾ لفظ "چونڊيل" ۽ لفظ "۽" وچ ۾ ۽ لفظ "يا مقرر ڪيل" شامل ڪيا ويندا.

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 89 جي ترميم

Amendment of Section 89 of Sindh Ordinance XII of 1979

1979 جي سنڌ آردينس XII جي دفعہ 102 جي ترميم

10.جاڻايل آردينس، جي دفعہ 102 ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي کولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان وڌايو ويندو:

"بشرطيڪ ميئر يا چيئرمين يا ان سلسلي ۾ ڪائونسل طرفان بااختيار بڻايل شخص نيڪال لاءِ پٽنچائت کي شڪايت ڪندو."

Amendment of Section 102 of Sindh Ordinance XII of 1979

1979 جي سنڌ آردينس XII ۾ دفعات 102_A کان 102_W تائين

11. جاڻايل آردينس ۾، دفعہ 102 کانپوءِ، هيٺيان دفعات شامل ڪيا ويندا:

(وزن ۽ ماپن بابت ڪيسز) "102_A جيستائين ڪجھ سنڌ معياري وزن ۽ ماپن لاڳو ڪرڻ جي ايڪٽ، 1975 جي متضاد نہ

شموليت

Insertion of Sections 102_A to 102_W in Sindh Ordinance XII of 1979

هجي، حڪومت هدايت ڪري سگهي ٿي ته بيان ڪيل نوٽيفڪيشن ۾ ڄاڻايل ايڪٽ تحت ڏوهن جي سلسلي ۾ شڪايتون پئنچائت کي ڪيون ويندیون.

(نيڪال) 102_B (1) جتي پئنچائت کي شڪايت ڪئي وئي آهي، ان ۾ بيان ڪيل ڏوهن تي پئنچائت طرفان گنجائشن موجب جاچ پڙتال، پچا ڳاڇا، ٻڌڻي ڪئي ۽ پي صورت ۾ منهن ڏنو ويندو.

(2) پئنچائت شڪايت ملڻ تي شڪايت جي جاچ پڙتال ڪندي، ۽ جيڪڏهن ضروري هجي ته اهڙي جاچ ڪرائيندي جيئن اها مناسب سمجهي.

(3) جيڪڏهن پئنچائت مطمئن آهي ته شڪايت غير سنجيده يا مدي خارج آهي يا ڪارروائي جو ڪو سبب ظاهر نه ٿي ڪري ته، اها شڪايت کي رد ڪري سگهي ٿي.

(4) جيڪڏهن شڪايت گذار يا سندس بااختيار بڻايل ايجنٽ ٻڌڻي واري تاريخ تي حاضر ٿيڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا پي صورت ۾ ڪيس هلائڻ ۾ غفلت ڪري ٿو، پئنچائت لکت ۾ حڪم ذريعي درخواست خارج ڪري سگهي ٿي.

(5)شڪايت گذار ذيلي دفعه (2) تحت ڪيس ختم ڪرڻ جي ٿيهن ڏينهن اندر ان جي بحالي لاءِ درخواست ڏئي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن پئنچائت مطمئن آهي ته شڪايت گذار جي حاضر ٿيڻ ۾ ناڪامي يا ڪيس هلائڻ ۾ ناڪامي لاءِ موزون سبب موجود آهي ته پئنچائت ڪارروائي بحال ڪري سگهي ٿي.

(الزام هيٺ آيل کي سمن جاري ڪرڻ) 102_C. جيڪڏهن

شڪايت خارج ناهي ڪئي وئي، يا دفعہ 102_B تحت بحال ڪئي وئي آهي، پئنچائت الزام هيٺ آيل کي سمن ذريعي پيش ٿيڻ ۽ الزامن جو جواب ڏيڻ لاءِ طلب ڪري سگهي ٿي: بشرطيڪ جيڪڏهن الزام هيٺ آيل پرده نشين عورت آهي تہ ان کي بااختيار بٹايل ايجنٽ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏئي سگهي ٿي.

(ڏوهہ ثابت ڪرڻ) 102_D.جيڪڏهن الزام هيٺ آيل تي ڏوهہ ثابت ٿئي ٿو، درخواست داخل ڪئي ويندي ۽ ان کي ان سلسلي ۾ سزا ٿي سگهي ٿي.

(بري يا سزا)102_E.جيڪڏهن الزام هيٺ آيل ڏوهي ثابت نٿو ٿئي ۽ پنچائت اهڙي جاچ يا پچا ڳاڇا ڪرائڻ کانپوءِ، جيئن اها مناسب سمجهي، معلوم ڪري ٿي تہ الزام هيٺ آيل:

(i) ڏوهي ناهي، اهو بري ڪيو ويندو؛

(ii) ڏوهي آهي، ان کي سزا ڏني ويندي.

(سزا)102_F. جيستائين ڪجهہ هن آرڊيننس جي ڪنهن بہ گنجائش يا وقتي طور لاڳو ڪنهن بئي قانون جي متضاد نہ هجي، پئنچائت قيد جي سزا نہ ٻڌائيندي يا هڪ هزار رپين کان وڌيڪ ڏنڊ نہ مڙهيندي.

(الزام هيٺ آيل جي پيش ٿيڻ ۾ ناڪامي تي ڪارروائي) 102_G. (1) جيڪڏهن الزام هيٺ آيل پيش ٿيڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا نٿو ملي، پنچائت حقيقت بابت ويجهي ماجسٽريٽ کي رپورٽ ڪندي، جيڪو ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر، 1898 تحت الزام هيٺ آيل خلاف ڪارروائي ڪندو ۽ ان کي پئنچائت سامهون حاضر ٿيڻ لاءِ

ضمانتن سان گڏ يا کانسواءِ باند پيش ڪرڻ جي هدايت ڪندو، جيئن اها ماجسٽريٽ جي عدالت هئي، جنهن هدايت جاري ڪئي هجي.

(2) جيڪڏهن الزام هيٺ آيل اهڙو باند پيش ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو، ماجسٽريٽ حڪم جاري ڪندو ته الزام هيٺ آيل تحويل ۾ پئنچائت سامهون پيش ڪيو وڃي، جيڪا ڪيس جي ٻڌڻي لاءِ تاريخ طئي ڪندي الزام هيٺ آيل کي اهڙي تاريخ تي حاضر ٿيڻ لاءِ طلب ڪندي ۽ لاڳيتو ڪنهن اهڙي تاريخ تي جنهن تائين ڪيس هن کانپوءِ ملتوي ڪيو ويندو.

(3)جيڪڏهن الزام هيٺ آيل ذيلي دفعہ (1) تحت باند پيش ڪرڻ کانپوءِ پنچائت سامهون پيش ٿيڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا ٻي صورت ۾ پئنچائت حقيقت بابت رپورٽ ڪندي ۽ ٻڌڻي ۽ قانون تحت نيڪال جو دائرہ اختيار رکندڙ ماجسٽريٽ ڏانهن ڪيس منتقل ڪندي.

(گواهن جي حاضري)H_102.(1) پئنچائت ڪنهن شخص کي ان جي سامهون پيش ٿيڻ ۽ گواهي ڏيڻ يا ڪو ڪاغذ پيش ڪرڻ يا پيش ڪرڻ لاءِ سبب ٻڌائڻ لاءِ سمن جاري ڪري سگهي ٿي:

بشرطيڪ ڪنهن بہ عورت کي گواهہ طور پنچائت سامهون پيش ٿيڻ لاءِ مجبور نہ ڪيو ويندو پر ڪميشن طرفان پڇا ڳاڇا ڪري سگهجي ٿي.

(2) جيڪڏهن ڪو شخص، جنهن کي پئنچائت گواهي ڏيڻ يا ان جي سامهون ڪو ڪاغذ پيش ڪرڻ لاءِ سمن جاري ڪري ٿي، اهو ڄاڻي واڻي اهڙي سمن تي عمل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو، پئنچائت اهڙي نافرماني تي قدم کڻي سگهي ٿي ۽ اهڙي شخص کي وضاحت

جو موقعو ڏيڻ کانپوءِ، ان تي ڏنڊ مڙهي سگهي ٿي، جيڪو ٻہ سئو رپين کان وڌيڪ نہ هوندو.

(طريقا)I_102.(1) سمن اهڙي طريقي اماڙيو ويندو، جيئن پئنچائت مناسب سمجهي.

(2) جيڪڏهن پئنچائت جي دائره اختيار کان ٻاهر رهندڙ شخص کي سمن جاري ڪرڻا هجن، تہ سمن اهڙي پئنچائت کي اماڙيا ويندا، جنهن جي دائره اختيار ۾ اهڙو شخص رهندو هجي ۽ اهڙي پئنچائت اهي سمن اهڙيءَ ريت اماڙيندي جيئن اهي ان طرفان جاري ڪيا ويا هجن.

(3) جيڪڏهن ذيلي دفعہ (2) ۾ ڄاڻايل کو شخص جيکو گواهي ڏيڻ لاءِ يا ڪاغذ پيش ڪرڻ لاءِ طلب ڪيو ويو آهي، ان کي پئنچائت طرفان اهڙي رقم ادا ڪئي ويندي جيڪا سفر يا ٻيا خرچ، جيڪڏهن کي هجن، پورا ڪرڻ لاءِ ڪافي هجي.

(4) جيڪڏهن سمن عام طريقي اماڙي نہ سگهجن، پئنچائت سمن ويجهي ماجسٽريٽ کي اماڙيندي جيکو انهن کي اهڙيءَ ريت اماڙيندو، جڙ اهي سندس طرفان جاري ڪيا ويا هجن.

(منجهيل ڪيسن)J_102.جيڪڏهن ڪنهن بہ وقت پئنچائت جي سامهون اهو ظاهر ٿئي تہ ان جي سامهون کو بہ ڪيس منجهيل قسم جو آهي يا انصاف جي گهرج آهي تہ ان جي ٻڌڻي عدالت طرفان ڪئي وجي تہ پئنچائت لکت ۾ حڪم ذريعي ڪيس ٻڌڻي ۽ نيڪال ڪرڻ لاءِ مجاز دائره اختيار رکندڙ عدالت ڏانهن ۽ حڪم جي نقل شڪايت گذار ڏانهن اماڙي سگهي ٿي.

(پئنچائت جي توهين)K_102.(1)کو شخص پئنچائت جي توهين جو ڏوهي هوندو، جيڪڏهن اهو بنا قانوني سبب جي:

(a) پئنچائت يا کنهن ميمبر جي کا توهين ڪري ٿو، جڏهن پئنچائت اهڙيءَ ريت ڪم ڪري رهي هجي؛ يا

(b) پئنچائت جي ڪم ۾ کنهن مداخلت جو سبب بڻجي ٿو؛

(c) کو دستاويز پيش ڪرڻ يا پهچائڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو، ڏهن پئنچائت طرفان ايئن ڪرڻ لاءِ حڪم ڪيو ويو هجي؛ يا

(d) پئنچائت کي کنهن سوال جو جواب ڏيڻ کان انڪار ڪري ٿو، جنهن جو جواب ڏيڻ لاءِ اهو پابند آهي؛

(e) حلف کڻڻ کان انڪار ڪري ٿو يا سچ بيان ڪرڻ کان انڪار ڪري ٿو يا سندس طرفان ڏنل کنهن بيان تي صحيح ڪرڻ کان انڪار ڪري ٿو، جڏهن پئنچائت طرفان ايئن ڪرڻ لاءِ چيو وڃي.

(2) پئنچائت پاڻمرادو يا ان کي ڪيل کنهن شڪايت تي کنهن شخص خلاف توهين لاءِ ٻڌڻي ڪري سگهي ٿي ۽ ان تي ڏنڊ مڙهي سگهي ٿي، جيڪو هڪ سئو رپين کان وڌيڪ نہ هوندو.

(فيصلو)L_102.(1)پئنچائت جا فيصلا ووٽن جي اڪثريت سان ڪيا ويندا ۽ ووٽ برابر ٿيڻ جي صورت ۾ پئنچائت جي چيئرمين کي ووٽ جو حق حاصل هوندو.

(2)پئنچائت جا سمورا فيصلا اعلان ڪرڻ کان اڳ لکت ۾ رکارڊ ڪيا ويندا ۽ پئنچائت جي فيصلي جي چيئرمين ۽ ميمبرز طرفان تصديق ڪئي ويندي.

(ذاتي مفاد تي پابندي)M_102.پئنچائت جو چيئرمين يا ميمبر ڪنهن بہ ڪيس ۾ حصو نہ وٺندو، جنهن ۾ اهو سڌيءَ ريت يا اڻ سڌيءَ ريت دلچسپي رکندڙ هجي.

(مخصوص قانونن جو نفاذ)N_102.جيستائين ڪجهہ هن آرڊيننس ۾ فراهم نہ ڪيو ويو هجي ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر، 1898 ۽ شهادت ايڪٽ، 1872 جون گنجائشون پئنچائت سامهون ڪارروائين تي نہ لاڳو ٿيندیون پر پئنچائت ڪنهن بہ معاملي جي حقيقتن کي پنهنجي اختيارن ۾ سمورن جائز ذريعن کان معلوم ڪري سگهي ٿي.

(ڪائونسل جي حاضري منع آهي)O_102.جيستائين ڪجهہ ڪنهن ٻئي قانون ۾ موجود نہ هجي، ڪنهن بہ ليگل پريڪٽيشنر کي ڪنهن معاملي ۾ ڪنهن ڏر جي طرفان پئنچائت يا اپيليٽ اٿارٽي سامهون پيش ٿيڻ جي اجازت نہ هوندي.

(اوٿس ايڪٽ جو نفاذ) P_102.اوٿ ايڪٽ، 1873 جا دفعات 8 کان 11 پئنچائت سامهون ڪارروائين تي لاڳو هوندا.

(جديشل فنڪشن لاءِ پئنچائت جون گڏجاڻيون)_102 Q.جديشل ڪارروائين لاءِ پئنچائت:

(a)ڪيس جي روزاني بنيادن تي ٻڌڻي ڪندي، ۽ سبب رکارڊ ڪرڻ کانسواءِ ڪيس ملتوي نہ ڪيو ويندو؛ ۽

(b)پنهنجي ڪارروائين، حڪمن، فيصلن يا ٻين دستاويزن جي تصديق لاءِ ان وٽ پنهنجي مهر هوندي.

(ڪارروائين جو انتظام)R_102.پئنچائت ٻڌڻي ڪيل هر

ڪارروائي جو مختصر يادداشت نامو ٺاهيندي.

(پئنچائتن جي سزائن ۽ حڪمن تي عمل)102_S. پئنچائت جي سزا يا حڪم تي تيستائين عمل نہ ڪيو ويندو، جيستائين اپيل خارج نہ ڪئي وڃي يا اپيل جي غير حاضري جي صورت ۾ اپيل لاءِ مقرر ڪيل حد جو عرصو ختم ٿيڻ تائين.

(اپيل)102_T. ڪو شخص جيڪو پئنچائت طرفان منظور ڪيل ڪنهن حڪم سان متاثر ٿيو هجي اهڙي حڪم جي ٽيهن ڏينهن اندر اهڙي اٿارٽي کي ۽ اهڙي طريقي لکت ۾ اپيل ڪري سگهي ٿو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

بشرطيڪ اهو تہ ڪا بہ اپيل ادائي سئو رپين تائين مڙهيل ڏنڊ خلاف نہ ڪئي ويندي سواءِ ان ڏنڊ جي جيڪو دفعہ 102_H جي ذيلي دفعہ (2) يا دفعہ 102_K تحت مڙهيو ويو هجي.

(مخصوص حالتن ۾ ڪيسز جو نيڪال)102_U. جتي پئنچائت تحليل ڪئي وئي آهي يا ان جو مدو ختم ٿي وڃي ٿو ۽ ان کانپوءِ ايندڙ پئنچائت ست ڏينهن جي عرصي دوران ناهي جوڙي وئي، حڪومت پئنچائت ۾ التويٰ هيٺ ڪيسن جي نيڪال لاءِ انتظام ڪري سگهي ٿي، اهڙيءَ ريت جيئن اها مناسب سمجهي.

(التويٰ هيٺ ڪيس ۽ ڪيسن جي منتقلي)102_V. حڪومت پاڻمرادو يا ان کي ڪيل درخواست تي، پئنچائت سامهون التويٰ هيٺ ڪيس مجاز دائره اختيار رکندڙ عدالت ڏانهن منتقل ڪري سگهي ٿي.

(ڏنڊ)102_W.(1) جتي پئنچائت ڏنڊ مڙهي ٿي ۽ اهڙو ڏنڊ

فوري طور تي ادا ناهي ڪيو ويو، تہ معاملو ويجهي ماجسٽريٽ ڏانهن اماڻيو ويندو، جيڪو ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر، 1898 جي گنجائشن موجب ان جي بازيابيءَ لاءِ ڪارروائي ڪندو، جيئن اهو ڏنڊ سندس طرفان مڙهيو ويو هجي ۽ اهڙو ماجسٽريٽ لاڳاپيل شخص کي اهڙي ڏنڊ نہ پرڻ جي ڏوهہ ۾ قيد جي سزا بہ ٻڌائي سگهي ٿو.

(2) پئنچائت کي ادا ڪيل سمورا ڏنڊ يا هن دفعہ تحت پئنچائت طرفان جمع ڪيل سمورا ڏنڊ لاڳاپيل ڪائونسل جي فنڊ جي حصي مان هوندا."

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 106 جي ترميم

Amendment of Section 106 of Sindh Ordinance XII of 1979

12. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 106 جي ذيلي دفعہ (1) ۾، لفظن "ان جي ماتحت ڪنهن عملدار" لاءِ لفظ ۽ ڪاما "ڪائونسل يا حڪومت يا ڪائونسل جي ماتحت ڪو عملدار، جيئن معاملو هجي" متبادل هوندا.

979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 37 جي ترميم

Amendment of

13. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 120 جي ذيلي دفعہ (2) جي شق (a) ۾، لفظن "جوڙيل قاعدي" لاءِ لفظ "جوڙيل قاعدن يا باءِ لاز" متبادل بڻايا ويندا.

Section 37 of Sindh Ordinance XII of 1979	

نوٽ: آردِيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.